**" هند جي ٻال ساهت جو سرمور نقاد -مني ڪهاڻيون جوڙيندر - مُحقق ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي"**

**ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي**

هند جي ٻال ساهتيه جو سرمور نقاد, ڪهاڻيڪار, ناٽڪ نويس, مضمون نگار ,ڪالم نگار ,ترجمان , سمپادڪ, مُحقق , شاعر ,ڀهوگڻي شخصيت جو مالڪ, ممتا درجو ماڻيندڙ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جو جنم 9 جنوري 1946 ۾ لاڙڪاڻي سنڌ ۾ شري ڪشچند بلواڻيء جي گهر ۾ ٿيو.

هوندراج بلواڻي هڪ سال جو مس هو جو ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي بعد سمورو ڪٽنب اچي احمدآباد ۾ وسيو.بلواڻي اسڪولي تعليم پرائيندي , بي . ايڊ , ايم اي , پي ايچ ڊي ۽ هنديء ۾ ڪووڊ ڪئي. جڏهن ته ڊپلوما ان جرنليزم ۽ ٻيا پڻ ڪيترائي ڊپلوما جا ڪورس ڪيائين.

ڊاڪٽر بلواڻي گجرات اسٽيٽ بورڊ آف اسڪول ٽيڪسٽ بوڪس ۾ آفيسر جي عهدي تي براجمان رهيو ۽ انڪيڊمڪ سيڪريٽريء جي پد تان رٽائر ڪيو.جڏهن ته گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميء چئرمن جو پد سنڀاليندي, بخوبي نڀايائين.
ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي سنڌي, هندي ,گجراتي, اردو ۽ انگريزي ٻولين جو ڄاڻو آهي.۽ سنڌي ساهتيه جي ڪيتر ۾ مان نه ٿي پاڻيان ڪنهن به ساهتڪار جو ساهتيه ڪو ايترن ٻولين سنڌي ,هندي, گجراتي, اردو ,راجسٿاني ,تامل, پنجابي, ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي.

هندستان جي سنڌي ساهتيه ۾ لگهو ڪٿا ,مني ڪهاڻي ۽ فلئش ڪهاڻي ,ننڍين ننڍين ڪهاڻين تي ڪيترن اديبن قلم هلايو آهي. ڪجه اديبن محض ٽوٽڪا لطيفا لکندي, مني ڪهاڻي جو ليبل لڳايو.جڏهن ته ڪجه ئي اديبن مني ڪهاڻي جي فارم کي سمجهو ,پرکيو, گنڀيرتا ۽ سجديه سان قلم هلايو. تن ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيء جو ممتاز درجو رهيو آهي. هن جون مني ڪهاڻيون جدا جدا مخزن رسالن ۾ شايح ٿيل آهن جڏهن ت سندس پهريون ڪتاب

"زندگي جا عڪس" جنهن ۾ ڊاڪٽر بلواڻيء مني ڪهاڻي جي ادبي وصف ڏيندي , طور طريقا سمجهائيندي گويا ٻين ساهتڪارن لاء نئون رستو ميسر ڪيو آهي.

جڏهن ت سندس ٻيا مجموعا شايح ٿيل آهن. جنهن ۾ سندس خاص ڪتاب "ارد گرد" ۽ "اکر پوري"

بلواڻي جي مني ڪهاڻين جي حوالي سان انءُ هت سنڌ هند جي سرمور نقاد هيرو شيوڪاڻي جو حوالو ڪوٽ ڪريان

ان کان پهرين آنءُ هڪ ڳاله واضح ڪري ڇڏيان.

جيئن ته عالمن ساهتيه جي نثر ۽ نظم شاخن کي پڻ ٻن حصن ۾ ورهايو آهي هڪ وڏن لاء ساهتيه ۽ ٻيو ٻال ساهتيه ته اُن حساب سان موجود دور ۾ "هيرو شيوڪاڻي ساهتيه جو سرمور نقاد" آهي. پر شيوڪاڻي وڏن جي ساهتيه جو سرمور نقاد آهي شيوڪاڻيء ٻال ساهتيه تي تمام تمام ٿوري ۾ منعا نه جهڙي تنقيد ڪئي آهي. پر سنڌ هند ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي نه فقط ٻال ساهتيه تي سڀ کان پهرين پي. ايچ. ڊي ڪئي آهي. پر ڊاڪٽر بلواڻيء جا ٻال ساهتيه تي بيشمار تنقيدي مقالا, ليک ,مضمون ۽ مجموعا شايح ٿيل آهن جنهن ڪري مون ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيء جي لاء " ٻال ساهتيه جو سرمور نقاد" جو لقب استعمال ڪيو آهي. جنهن جي شاهدي سنڌ هند جو سمورو ٻال ساهتيه ڀري ٿو.

ڊاڪٽر بلواڻيء جي مني ڪهاڻيون جي ڏس ۾ "اکر پوري" ڪتاب تي هيري شيوڪاڻي رايو لکيو اهي.

" الڳ الڳ موضوعن تي لکيل هي سڀ مني ڪهانيون اسم جي گهيري ۾ باقاعدي اچن ٿيون .انهن مان ڪيتريون مني ڪهاڻيء جي وصف موجب پڇاڙيء ۾ ڪنهن نه ڪنهن چرم سيمائن سان چابڪ دستيء سان نباهيل آهن مني ڪهاڻي پنهنجي اختصار ۾ هڪ هڪ لفظ , انهن جي جوڙجڪ ۽ پوء عروج تي پهچي , ڏماڪيبازيء ڪانسواء ڪنهن هڪ

طلبي ٿي اها وري به بلواڻيء جي مني ڪهاڻين creative Fusion انڪشاف سان پوري ٿئي , سرجناتمڪ پيوستگي سميت سنڌيء ۾ برثواب ٿيندي نظر اچي ٿي"

هيرو شيوڪاڻي جو رايو بلواڻيء جي گهري اڀياس ۽ سندس ڪيل تحقيقي ڪم جي شاهدي پري ٿو.

بلواڻيء جي ٻال ساهت کي نه فقط هند ۾ وڏي اهميت مليل آهي. پر سنڌ مان پڻ هن جي ٻال ساهت لاء ڪيس وڏي مهانتا ملندي رهي آهي.

هت غور طلب آهي ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي ٻال ساهت جو سرمور نقاد ت آهي ئي

۽ مني ڪهاڻيون جوڙيندر آهي. پر گڏوگڏ هن وڏن لاء پڻ چڱو چوکو معياري ساهتيه جوڙيو آهي.ڏنو وڃي ته بلواڻي ساهت جي هرهڪ صنف تي قلم آزمائي ڪندي ٻال ساهتيه جي هرهڪ صنف ۽ وڏن جي ساهتيه تي پڻ ڪهاڻيون, ناٽڪ, ڪالم , تنقيدي ليک, مقالا ۽ شاعريء تي ڪاميابيء سان قلم هلائيندي, جديد موضوع استعمال ڪيا آهن. سندس شايع ٿيل ناٽڪن جو بهترين مجموعو "جنگهل" جنهن ۾ هي ٻن ٻن جديد موضوع کڻندي, عنوانن ۾ نواڻ اوتيندي, ڪردارنگاريء پڻ بهترين انداز ۾ پيش ڪئي اٿائين ليک جي محدود دائري کي ڌيان ۾ رکندي آنءُ هت سندس هڪ ئي ناٽڪ جون ڪجه جهلڪيون پيش ڪريان ٿي. جنهن مان پاڻک به جديد موضوع جو احساس محسوس ڪندا.

ڊاڪٽر بلواڻيء جو بهترين ناٽڪ "هن گهڻيء کان هُن گهڻيء تائين"

عام طور ڪڏهن ڪڏهن انسان ستن سمنڊن جا مفاصلا به آساني سان پار ڪري ويندو آهي. پر ڪڏهن وقت اهڙو برو ايندو آهي ۽ ماڻهون جو حالات اهڙي اچي بيهندي آهي جو هو ايترو لاچار ۽ بيوس ٿي ويندو جو معامولي ٻه قدم پار ڪرڻ به نهايت ئي مشڪل مسئلو بڻجي پوندو آهي.

جڏهن ته موجود دور ۾ آنتڪ جو خوف ماڻهون جي ارد گرد ڦڙي ٿو ۽ سياست جون غلط روايتون, غلط طور طريقا جيڪي ڪڏهن به بند نه ٿيندا. ڏينهنون پوء ڏينهن پاڻ وڃن پيا وڌندا. اهڙي حالت ۾ عام انسان جو جيئڻ محال آهي.

اهڙي ئي جديد موضوع تي بلواڻيء جو هي ناٽڪ جنهن ۾ ليکڪ هڪ سنڌي ڪٽنب جو منظر چٽيندي ڏيکاريو آهي هڪ سنڌي ڪٽنب ۾ هڪ نئون ٻار جنم وٺڻ لاء منتظر آهي. هوڏانهن گهٽيء ۾ آنتڪي پس منظر چانيل آهي اهڙي حالت ۾ ڊاڪٽر ڪٿان اچي ؟ اُها عورت اسپتال تائين ڪيئن پهچي؟ جنهن ڪري سندس مڙس پريشان آهي. زال جي حالت مڙس کان سهن ڪون پيئي ٿي. اهڙي حالت ۾ پلا مڙس ماٺ ڪري ڪيئن ويهي؟ سو هي ڊاڪٽر کي وٺي اچڻ لاء مجبورن همٿ ڪندي ,موت سان کيڏيندي, گهر کان ٻاهر اچا نڪري مس ٿو.ته ڪجه ئي پلن ۾ هو رتورت ٿيندي, گهر ۾ اچي زال اڳيان تڙڦندي تڙڦندي پراڻ تياڳي ٿو.

ناٽڪ ۾ انتظار جي پهلن سان دل ڌاڙيندڙ گفتگو آهن جڏهن ته خوف ائين چانيل آهي گويا اکين سان اهو درشيه ڏسي رهيا آهيون .هي ناٽڪ نه فقط منچن ٿي چڪو آهي پر هن ناٽڪ کي بهترين ناٽڪ جو انعام پڻ ملي چڪو اهي.

اهڙا جديد موضوعن جا مثال ڊاڪٽر بلواڻيء جي لکڻين ۾ کوڙ کوڙ ملندا

ڊاڪٽر بلواڻي ڪيترن ئي ادبي مگيزن ۽ رسالن ۾ سمپادڪ طور رهي چڪو آهي. جنهن ته "زندگي" , "ڦلواڙي" ,"گلستان", "باغ بهار", "شرميلا","ٻال منچ", "ادبي چمن", "سنڌي لوڪ ورثو", "اظهار"

"سجني","ڪلي", "ڪلاڪار", ۽ ٻيا پڻ ڪيترائي رسالا

جڏهن ته روزاني ۽ هفتيوار اخبارن ۾ خاص ڪالم سجايا اٿائين ۽ گجرات آڪاشواڻي , دوردرشن جو تسليم ٿيل ليکڪ , هدايتڪار اداڪار ۽ شاعر پڻ آهي ۽ ڪيتريون ئي ساهتڪ , تعليمي سيپتڪ ۽ سماجڪ سنسٿائن سان جڙيل رهندي, هن هر ڪاريه کي سرانجام ڏنو آهي.سندس قدرشناسي ۾ ڪيترن ئي سرڪاري چاهي غير سرڪاري سطح تي وڏن عزتدار عهدن مان سنمان ۽ انعامن سان نوازيو ويو.

1992 ۾ ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي پي ايچ .ڊي

" ٻال ساهت جو وڪاس" جي عنوان سان ڪئي

جيڪا ٿيسز 2005 ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهي.

هن سموري ٻال ساهتيه جي وشيه جي ورهاست 12 بابن ۾ ڪندي , ٻال ساهتيه جي هرهڪ صنف کي ڇهندي , هرهڪ باب جي تز نظريعيء سان هر ڪنډ, هر پهلو کان کوجناتمڪ عينڪ پائيندي, چنڊ چاڻ ڪندي, تحقيق ڪئي اٿائين.

بابن جي ورهاست هن نموني ٿيل آهي

*باب پهريون - ٻال ساهتيه

*باب ٻيون - ٻال منوو وگيان جي ڄاڻ سان ٻال ساهتيه جي رچنا

* باب ٽيون - ٻال گيت

*باب چوٿون - ٻال ڪهاڻيون

*باب پنجون - ٻال ناول

*باب ڇهون - ٻال ناٽڪ

*باب ستون - ٻال ساهتيه جون ٻيون صنفون

*باب اٺون - ٻارن لاء رسالا

*باب نائون- ٻال ساهتيه جي وڪاس ۾ چوڏس ڦهلاءُ

*باب ڏهون - ترجمو ٿيل ساهتيه

*باب يارهون - ورهاڱي کان پوء سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه

*باب ٻارهون ڪن محصوص جي مدنظر

*"سنڌي ٻال ساهتيه : تاثرات"

باب پهريون ڇئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پهرين ۽ ٻئين ڀاڱي ۾ ٻال ساهتيه جي وياکيا ڪندي, ٻارن طرف وڏن جون جوابداريون سمجهائيندي , ٻارن جي منوو وگيان تي روشني وجهندي,منووگيان جي هرهڪ اهم پهلو کي اظهاريندي , ٻارن جو ڀاشا وگيان طرف ڌيان ڇڪائيندي, ٻارن جي خوائش ۽ مشغوليون ڪلپنا , جگياسا , سنگره ورتي , اهم ورتي ,چٽاڀيٽي ,نقل , سرجڻ ورتي بابت تمام گهرائي سان چند مثالن سان روشني وڌي آهي.

باب پهرين جي ٽئين ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر بلواڻي ڪجه سنڌي هندي ۽ گجراتي عالمن جي حوالن سان ۽ پنهنجي روشندار سوجه ٻوجه ۽ عالمن جي راين سان ٻال اوستا کي ٽن گروپس ۾ ورهايو آهي.

ششو اوستا - ٽن کان ڇهن ستن سالن تائين

ٻال ساهتيه - ڇهن ستن کان تيرهن سالن تائين

ڪشور اوستا - تيرهن چوڏهن سالن کان سترهن سالن تائين

ڊاڪٽر بلواڻي ٻارن جي دلچسپيءَ واري عنصر کي ذهن ۾ رکندي, هن جا ٻاراڻا ٻول ۽ ڪهاڻيون، ٻارڙن کي وندرائيندڙ مواد جي پڻ ورهاست بهترين نموني سمجهائي ڏني آهي.

باب پهرين جي چوٿين ڀاڱي ۾ ٻال ساهتيه جي عناصر جي ڇاڻ ڏيندي ٻال ساهتيه لاء وشيه جي چونڊ مٿين ٽن گروپس جي حساب سان طئه ڪرڻ جون اهميت ۽ ضرورت سمجهائي آهي.

* ششو اوستا جي ٻال ساهتيه ۾ گهر جا ڀاتي رشتيدارن جي واقفيت ۽ پکي پسون ۽ جانورن جون ڳالهاين ننڍن ٻارن جي من کي وندرائن ٿيون. تنهن ششو اوستا جي ٻارن لاء اهڙو ئي ساهتيه ٻار جي وڪاس لاء ضروري آهي.

*ٻال ساهتيه ينعا ڇهن سٽن سالن جي ٻار لاء ڪتنب کان ٻاهريون چيزن سان واسطو رکندڙ رچنائون ڏنل هجن

*۽ ڪشور اوستا جي ٻارن کي سماجڪ, اتهاسڪ ۽ وگيانڪ رچنائون طرف موڙجي ڀاشا شئلي ۽ پيشڪش ٻارن جي عمر جي انوسار ئي لفظ ڪتب اڻجن پيشڪش جي پڻ اوتري اهميت آهي ٻال ساهتيه رچندڙن کي ٻارن جي وندر ۽ آنند جو خاص خيال رکڻو ته گڏوگڏ ٻارن کي نيڪ سکيا ڏنل هجي

تنهن لاء بلواڻي صاحب جو چوڻ آهي

"ڪنهن زماني ۾ ٻارن جي آکاڻين جي آخر ۾ سکيا ڏيڻ ضروري سمجهو ويندو هو پر هاڻي سکيا جهڙي عناصر ۾ ڦيڙو آيل آهي. هاڻي سکيا سڌي نه پر اڻ سڌيءَ نموني تي زور ڏنو ويو آهي.سکيا اڻ سڌي نموني به ڪو غلط نه آهي. ٻال ٻائڪ کي به ائين نه لڳڻ گهرجي ته ليکڪ سکيا ڏيڻ چاهي ٿو".

باب ٻيون - "ٻال منوو وگيان جي ڇاڻ سان ٻال ساهتيه جي رچنا"

باب ٽئين ۾ ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ٻال ساهتيه جو وڪاس جو مختصر حوال ڏيندي

هوندراج بلواڻي ڄاڻائي ٿو

" ٻال ساهتيه تمام اڳاٽو آهي در اصل جڏهن ماءُ ٻار کي لولي ڏئي ٿي جڏهن ٻار کي ڏاڏي ناني ڪهاڻي ٻڌائي ٿي جيڪو ٻال ساهتيه جو هڪ اهم حصو ئي آهي جيڪو زباني روپ ۾ موجود اهي "

ٻال ساهتيه لکڻ جي شروعاتي ليک ڪتاب رسالا ترجمو اصلوڪا تنهن جو سمورو مختصر ۾ احوالن سان احوال ڏيندي سنڌي ساهتيه جي ٻال ساهتيه جي ڇپيل روپ ۾ پهرين آکاڻي جو ذڪر ڊاڪٽر بلواڻي هيئن ٿو ڪري.

"ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي گرامر 1849 ۾ ديوناگري لپيء ۾ ضميمي طور پهرين نثري آکاڻي ڇاپي هيٺ آئي.

منشي اُڌارام ٿانورداس جي لکيل اها اکاڻي مشهور لوڪ ڪٿا تي ٻڌل اکاڻي" راء ڏياچ ۽ سورٺ " جي هئي. اڳتي هلي 1861 ۾ اها اکاڻي ٻين ب ڪن اکاڻين ۾ شامل ڪري منشي اُڌارام ٿانورداس نئين صورتخطيء ۾ ڇاپي هيٺ آندو

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب ۾ ٻيون پڻ ڪهاڻيون ڏنل هيون . پر آکاڻي جي رچندڙن جا نالا ڪونه ڏنل هئا.

مٿي ذڪر ڪيل آکاڻي جو پتو اڳتي هلي پيو ته ان جو ليکڪ منشي اُڌارام هو."

عربي لپي لکڻ جي شروعات کانپوء پهريون ٻال ساهتيه جو مجموعو "ٻابنامو" 1853 ۾ ديوان ننديرام سيوهاڻي جي لکيل هو.تنهن کان پوء ٻال ساهتيه ۾ ڪيتريون ئي آکاڻيون ٻين ٻولين تان ترجمو ٿيو جن جا ليکڪ ته گڏوگڏ اصلوڪو ٻال ساهتيه شايع ٿيندو رهيو. ڪتابن سان رسالا به ڇاپي ۾ آيا

ڪشچند بيوس ٻارن لاء گيت لکيا جيڪي رسالن ۾ شايع ٿيا گلستان , گل ڦل. ڪشنچند بيوس جي ٻاراڻي ادب، هري دلگير جي ٻاراڻن گيتن، ٻاراڻن ناٽڪن، ٻاراڻي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ اپاءَ تي جن اديبن پاڻ موکيو تن جي بخوبي ڄاڻ ڏيندي ڪتابن ۾ رسالن جو ذڪر ڪندي ٻال ساهت جي شروعات ۾ وڪاس تي روشني وڌل آهي.

باب ٻئين جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر بلواڻيء ورهاڱي کان پوء جو سنڌي ٻال ساهتيه مختلف دورن کي ٽن گروپس ۾ ورهايل اهي

1. پنر رچنا جو دور 1947 کان 1957 تائين

2- اُميدن جو دور - 1985 کان 1965 تائين

3.وڪاس جو دور - 1966 کان 1992 تائين

هتي آنءُ هڪ حقيقت واضح ڪري ڇڏيان

ڊاڪٽر بلواڻي 1992 ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. جنهن ڪري وڪاس جو دور 1992 تائين لکيو اٿائين.

در اصل اهو دور هاڻي پاڻ وڌيڪ زور شور سان هلي رهيو آهي. خير وڪاس جو دور ت ڪڏهن پورو ڪونه ٿيڻو آهي. جيستائين هي سموري ڪائنات آهي.

ورهاڱي کان پوء معنا 1947 کان 1957 جنهن کي بلواڻي صاحب پنر رچنا جو دور ڪري سڏيو آهي.

جنهن لاء بلواڻي جو چوڻ آهي ٻال ساهتيه لاء شروع ۾ تمام گهٽ ڌيان ڏنو ويو. پر پوء ڌيري ڌيري ادبين جو ڌيان وڃڻ لڳو.

حالانڪ شروعات ۾ نراسائي نصيب ٿي پر پوء ڌيري ڌيري ٻال ساهتيه تي پڻ قلم ازمائي ٿيندي رهي هن دور جا خاص ليکڪ ديچند بيلاڻي پرڀداس برهمچاري گڏجي اتهاسي آکاڻيون 1956 ۾ چيٽانند لعلواڻي پنهنجي "ڀارت جيون ساهتيه منڊل" طرفان ڪجه ڪتاب ڇپايان هن دور جا ڪتاب اجمير مان پنڊت 1949 پارومل ڪيولراماڻي

1948 ڌاري سنڌ مان اڳ نڪرندڙ رسالو گلستان ممبئي مان نئين سر شروع پر ڀارت ۾ اهو رسالو ايترو ڪون هليو.

چيٽانند لعلواڻيء به سنڌ وارو گولستان رسالو اجمير مان شروع ڪيو. اهو پڻ جلد بند ٿي ويو.

اجمير مان پارومل ڪيولراماڻيء 1949 ۾ وير ٻالڪ رسالو شروع ڪيو اهو به گهڻو وقت نه هليو.

هن دور ۾ تمام گهٽ ٻال ساهتيه تي ڪتاب نڪتا رسالا ڪتابن جي تعداد چڱا رهيا پر جلدي بند ٿيا.

جنهن لاءِ بلواڻي هن باب ۾ 59 صفعي کان 61 صفي تائين ٻال گيتن جي ڪتابن جو خاڪو ڏنو آهي. حالانڪ تنهن ۾ ڪيترا ئي اديب آهن جنهن هن صنف تي قلم هلايو آهي. پر پوء به سيني اديبن کان وڌ ۾ وڌ ڪتابن جو انداز هوندراج بلواڻي صاحب جو ئي آهي.ن فقط وڌيڪ ڪتاب پر ڪتابن جو معيار پڻ تمام مٿائون آهي.

جڏهن ت خاڪي جي پڄاڙيء ۾ خاڪي جي سمجهاڻي پڻ بهترين ڏنگ سان ڏنل آهي.

ٻئين دور ۾ ٻال ساهتيه طرف چڱو خاصو ڌيان ڏنو ويو هن دور ۾ ٻال ساهتيه وڌيو.

بلواڻي جي ٿيسز تي سرسري نظر وجهجي ته سنڌي ٻال ساهتيه جو پهريون ناول ورهاڱي کان اڳ چاهي پوء "موهن ڪلپنا" جو "سرڳ جي ڳولها " 1985 شايع ٿيو ۽ پهريون سئر سفر جو ٻال ڪتاب ڀارت درشن 1961 ۾ ٻن ڀاڱن ۾ شايع ٿيو.

ٻال گيت ۽ ڪهاڻيون جا رچيندڙ "گورڌن ڀارتي" "پرسرام ضيا" ,"هري درياڻي دلگير ", "ديپچند بيلاڻي",

۽ " گهنشيام تلريجا" سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي ڪٺو ڪري ڪتاب 1963 ۾ "اچا ڪانو"عنوان سان پڌرو ڪيو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ت عورتن جي ڏس ۾ ٻال ساهتيه جي رچيتا پهرين عورت تجرباتي ناول رچيندڙ ڪلا پرڪاش جنهن جو 1963 ۾ "ممتا جون لهرون"عنوان سان ڪتاب شايع ٿيو.جنهن ڪتاب ۾ ليکڪا ممتا پري ماءُ جو جلوو پسائيندي ,ماتا, قرباني جي ديوي سرروپ جو ديدار ڪرايو.

وڪاس جي ٽئين دور بابت بلواڻي صاحب ليکڪن, ڪتابن ۽ رسالن جي حوالن سان ڏيکاريو اهي

هن دور ۾ ٻال ساهتيه جي هر صنف وڌي وجهي ڪتابن رسالن جو تعداد وڌيو معيار جي خيال کان به قدم اڳتي وڌيا.

- ٻال گيت

باب ٽئين جي پهرين ڀاڱي ۾ ۾ ليکڪ ٻال گيتن جي وياکيا ڪندي, سٺي ٻال گيت جا گڻ پيش ڪندي, ڪجه پنهنجا دلڪش ۽ سهڻي انداز ۾ احوالا صلاحون ميسر ڪندي, هڪ سهڻو خاڪو تيار ڪيو ۽ خاڪي جي تز سمجهاڻي پڻ ڏني آهي جڏهن ت خاڪي تي سرسري نظر وجهجي ته ٻال گيت جي رچيتا هڪ ئي ليکڪا آهي جيڪا اهي ڪلا پرڪاش

باب ٽئين جي ٻئين ڀاڱي ۾ بلواڻي صاحب ٻال گيتن تي سرسري روشني وجهندي هندي ليکڪن جي احوالن جي اڌار تي ته ڪجه پنهنجي سوجه ٻوجه سان 19 قسم ٻڌائيندي وري انهن جي بهترين ڏنگ سان هرهڪ جي سمهجاڻي ڏني اهي

۽ تنهن ڪانسواء ٻال گيتن جي شئلي ۽ باب جي اخر ۾ ڪي جاچنائون ۽ حقيقتون پيش ڪيون اهن

ٻال ڪهاڻيون

باب چوٿون - ٻال ڪهاڻي جا عناصر , موضوع يا وشيه وستو

گفتگو, پاتر سرشتي , ماحول , شئلي, ڀاشا , ۽ ٻيو اهم ڳالهايون سمجهايون اهن

ٻال ڪهاڻيء ۾ فئنسٽي

ٻال ڪهاڻيء ۾ جملن جو دهراءُ ٻال ڪهاڻيء جو سري جي اهميت ۽ ضرورت سمجهائيندي, اصلوڪيون سنڌي ٻال ڪهاڻيء جو خاڪي ڏيندي ,سمپادڪ ڪيل ٻال ڪتابن جو خاڪو ڏيندي, جدا جدا مجموعن ۾ شايع ٿيل ٻال ڪهاڻيون جا خاڪا ڏنا آهن.

۽ هرهڪ خاڪي جي سمجهاڻي ڏيندي ٻال ڪهاڻي جا 13 قسم بيان ڪندي هرهڪ قسم تي سرسري روشني وجهندي ,ٻال ڪهاڻيء جي قسمن جا خاڪا جوڙيان آهن. ۽ باب جي آخر ۾ جاچنائون ۽ حقيقتون پيش ٿيل آهن.

ٻال ناول

باب پنجون ۾ ٻال ناول جا ٻه مکيه جزا موضوع ۽ ڪردارنگاري سمجهائيندي ٻال ناولن جو خاڪو ڏيندي خاڪي جي سمجهاڻي ڏئي ٻال ناول جي خيال کان ناول جا پنج قسم سمجهاڻي سان پيش ڪندي ,ڪجه ناولن جا ٽڪرا ڏيندي باب جي اخر ۾ جاچنائون ۽ حقيقتون پيش ٿيل آهن

ٻال ناٽڪ

بال ناٽڪ جا عناصر موضوع , گفگتو ,پاتر , ڀاشا شئلي , سمجهائيندي سنڌي ٻال ناٽڪ جي ڪتابن جو خاڪو خاڪي جي سمجهاڻي ۽ جدا جدا رسالن ۾ ڇپيل ناٽڪن جو خاڪو ٻال ناٽڪن جا ست قسم , وڏا ناٽڪ ۽ ريڊيو ناٽڪ سمجهاڻيندي

,ريڊيو تان پرسارت ٻيل ٻال ناٽڪن جو خاڪو سمجهائي ڏيندي باب جي آخر ۾ ٻال ناٽڪ تي ڪجه اهم ۽ ضروري ڪي نوٽس ڏنل آهن

"ٻال ساهتيه جون ٻيون صنفون"

جيوني , اتمڪٿا ۽ جيون چرتر جون جهلڪيون پسائيندي ,جيوني ساهتيه جو خاڪو جوڙيندي, خاڪي جي سمجهاڻي سان ڪجه مثال ۽ حوالا پيش ڪيا اٿائين

گيان وگيان جي ڪتابن جي وچور جو خاڪو پڻ سمجهاڻي ڏيندي ٽوٽڪن ۽ چٽڪلن جي ڪتابن جو خاڪو سمجهاڻي سميت ڏنو اهي.

ٻارن لاء رسالا

باب اٺين ۾ ٻارن جا رسالن جي اهميت ٻڌائيندي ٻال رسالي جو خاڪي سمجهاڻي سان ڀن ڀن رسالن تي سرسري روشني وجهندي اخبارن ۽ مخزنن ۾ ٻال وڀاڱن جا خاڪي ۾ تفصيل سان جوڙيندي اخبارن ۽ مخزنن جا خاص انڪ بيان ڪندي اسڪولي مخزن جي وچور جو خاڪو سمجهاڻي سميت ڏنل آهي.

ٻال ساهتيه جي وڪاس ۽ چوڏس ڦهلاءُ

باب نائون ۾ ٻال ساهتيه جو وڪاس ۾ چوڏس ڦهلاءُ جا ذريعا ۽ سنسٿائون جو يوگدان آڪاشواڻي , دوردرشن , ابيو ويڊيو ڪئسيٽس , سرڪاري ادارا تان ٻارن لاء هيل تائين ڪهڙا پروگرام پيش ڪيا ويا اهن ۽ گڏوگڏ خاڪو تيار ڪندي غير سرڪاري سنسٿائن تي روشني وجهندي تنهن ۾ بلواڻي جون ڪجه گهربل نيڪ صلاح سان ڏيندي ميڊيا ذريعي ٻال ساهتيه جي وڪاس لاء گهربل انتظامن تي ٻڌايو اهي

" ترجمو ٿيل ساهتيه"

باب ڏهون ترجمو ٿيل ٻال ساهتيه کي سميٽندي خاڪو تيار ڪندي 1947 کان 1992 تائين ڪتابن جو انگ اکر ۽ وري ترجمو ٿيل ڪتابن جي صنفن انوسار انگ اکر هندي انگريزي گجراتي وديشي ٻولين تان ترجمو ٿيل ڪتابن جا پڻ انگ اکر جوڙيندي نتيجا ٻڌايان آهن

" ورهاڱي کان پوء سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه"

باب يارهون ۾ ورهاڱي کان پوء سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه مختصر احوال ڏيندي ٻال ساهتيه جي هر صنف تي لکندي حالانڪ ڪجه نئي صفن ۾ گاگر ۾ ساگر سميٽڻ جي ڪوشش ڪندي ڪامياب قدم رهيو اهي

"ڪن محصوص جي مدنظر"

باب ٻارهون ڪن مخصوص نُڪتن جي مدنظر سنڌي ٻال ساهتيه ۽ تاثرات ۾ حاصلاتون ۽ محدودگيون لاء بلواڻي جو رايو سموري هندستان ۾ ڪو هڪ به پبلشر ڪونه آهي جيڪو صرف ٻارن لاء ڪتاب ڇپائيندو هجي پارٽ ۾ سرڪاري ادارا جهڙوڪ نئشنل بوڪ ٽرسٽ پبلڪيشن ڊويزن آهن. مشهور خانگي ٽرسٽ چلڊرينس بوڪ ٽرسٽ آهن جيڪي ٻين ٻولين جو ٻال ساهتيه ته شايع ڪن ٿا.

پر افسوس اهڙي ادارن ۾ سنڌي ٻولي کي ڪونه شماريو ويو آهي

ڊاڪٽر بلواڻي ٻال ساهتيه ۾ تنقيد تي زور ڏيندي بلواڻي جو رايو آهي ت

" تنقيد نه هئڻ سبب ٻال ساهتيه جي وڪاس ۾ رڪاوٽ جو باعث آهي جنهن اسٽڻي مان ٻاهر نڪرڻ گهرجي"

۽ آخر ۾ ساڳئي ڳاله سنڌين جي وڪاس ۾ جيڪا وڏي رڪاوٽ اچي سا پڻ اهم آهي پنهنجي زمين نه هجن سبب اسين سنڌي الائي جو اجان ڪيترا سال پوڄيداسين.

ٿيسز جي پڇاڙيء ۾ مددي ڪتاب سنڌي هندي گجراتي ۽ انگريزي ڪتابن جي فهرست ڏنل آهي

هي مقالو پڙهڻ سان ائين محسوس ٿيو ته هي ٿيسز سنڌي ٻال ساهتيه جو اتهاسڪ دستاويز آهي سنڌ هند ۾ اهڙو تحقيقي مقالو اڻلڀ آهي. هي ڪتاب ساهتڪارن کي ڪوجناڪاريه جي ڪم ۾ وڏي هٿي ڏيندو اهڙو وشواس اٿم

ڊاڪٽر بلواڻي کي مٿين مبارڪون جو اهڙو شاهي ٻال ساهتيه جو گرنٿ شايع ڪندي, سنڌي ساهت جي ٻال ساهتيه سان وڏا وڙ ڪيا اٿائين.

خدا ڪندو شل ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي وڏي اورجا ۽ صحيتمند عمر ماڻيندو.

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جي ساهتڪ پونجي ۽ عهدا انعام سنمان جي فهرست تمام تمام وشال آهي. هيل تائين سندس 175 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ 31 وڏن انعامن سان کيس نوازيو ويو آهي.

ليک جي محدود دائري کي ڌيان ۾ رکندي آنءُ هت ڊاڪٽر بلواڻيء جي خاص انعامن ۽ ڪتابن جو ئي ذڪر ڪريان ٿي.

*"ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيء کي عطا ٿيل

عهدا ,مان ,سنمان ۽ انعام"

*احمدآباد گجرات سرڪار جي ڪنزيومر ڪورٽ جي پينل جو اڳوڻو جج طور تسليم ٿيل

*شري وديا گرو فائونڊيشن ۾ ڪو آرڊينيٽر طور عهدو ماڻيل

* مرڪزي ساهتيه اڪادمي جو ميمبر

*گجرات ساهت اڪادمي, گانڌينگر - ساهتيه گورو انعام

*مرڪزي ساهت اڪادمي طرفان اوارڊ

*راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد طرفان ٻه دفعا انعام

*سوويٽ لئنڊ نهرو اوارڊ

*نئشنل اوارڊ ٿي انعام ٻال ساهتيه لاء

*اين. سي. آر. ٽي جا ٽي انعام

*ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊلٽ ايڊيوڪيشن پاران انعام

*هنديء ۾ يوگدان لاء هندي سنسٿا ساهتيه منڊل طرفان

" هندي ڀاشا ڀوشڻ " جو اوارڊ

* ڀاٽيييت جي جيمني اڪادميء پاران "سمپادڪ رتن" اوارڊ

*اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا طرفان انعام

*گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميء پاران انعام

*سوشل ويلفيئر وزرات پاران انعام

* هندي ٻال ساهتيه جي بهترين يوگدان لاء

"ٻال ساهتيه سارسوت" سنمان

۽ ٻيا ڪيترائي عهدا مان سنمان انعام عطا ٿيل

***"ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جي ٻال ساهت جا

اصلوڪا مجموعا"

جادونگري 1967

تارن پري رات 1967

بنسري 1967

هيرا موتي 1967

برف جو پتلو 1967

ٻه راجڪمار 1967

ڏهين جو نوٽ 1968

هڪڙو هو راجڪمار ٻه ڇاپا 1968, 1977

راجوء جي ٽوپي 1968

دنيا رنگبرنگي 1969

سليون پروليون وڻون انعام 1969

ٿي گپوري 1969

ڪل گهٽو جيءُ گهٽو 1969

ٿهڪن جي برسات 1969

ڪاڪو ڪوڏومل 1969

پپوء جو پيارو موتي 1970

جادوء جو ڪٽرو 1970

چرچا مهاپرشن جا 1971

پالش وارو 1971

سونا پري 1975

چھر بھر چنٹي 1975

گول گپا 1976

کٽا مٺا گول گپا1976

ٽي باندر 1976

بيربل جو پاءُ 1976

عيسپ جون اکاڻيون 1977

کيٽمنڙا 1977

ٺھڪ ئي ٺھڪ 1977

کل ته سهين 1977

جادوءجو بوتل1977

ڏياريءَ جو ڏيئو 1978

جهرڪي ۽ آکيرو 1978

ننڍو سفيد ماڻهون 1978

مامي جون مڇون 1978

ٽي سونا وارا 1978

ستن سالن جي ڇوڪري 1978

چمتڪاري گھوڙو 1978

ڏنار جي ڌيء 1978

صوف جي ڪهاڻي 1978

جادوئي ڪُمي 1978

ڏياريءَ جو ڏيئو 1978

ٺهڪن لاء ٺول 1979

دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون 1979

گلستان جا ٻال گيت ۽ ٻال ڪهاڻيون 1997

گلڙا گلستان جا 1997

سنڌ جي سوکڙي 1979

سوني جهرڪي ۽ ڏيڏر1979

بيوقوف سهو 1980

انمول موتي 1982

گيان جو خزانو 1982

گيان جو خزانو 1982

چوٿون باندر 1983

شاهوڪار ڪوئو 1983

ساڌو راجا 1984

بجرنگ بلي 1984

چوندِ سنڌي ٻال ڪهاڻيون 1984

مرگارام ۽ طوطارام 1985

ڪوئي لڏي هٿڍ ڳڙي 1985

ٻارن جو گجو پائي 1986

پنهنجي نگري پياري 1987

چرٻٽ راجا 1987

پراُپڪاري ڀمون 1988

ارچڪ مرچڪ 1989

نئين ناني 1990

ٻارن جون لوڪ رانديون 1992

قدرت جي گود ۾ 1993

سياڻا سمجهو ٻارڙا 1994

چو منتر 1995

ٽنگ جيڏو چوڪر 1996

ٻارن جا لوڪ گيت ديوناگري 1997

ماستر موڪل تي 1997

ڪرامتي مشين 1998

رنگ رنگيلي محفل 1998

ڪرامتي مشين 1998

ٻارن جون لوڪ رانديون ديوناگري 1998

رنگ رنگيلي محفل 1998

گول مٽول ٻه ڇاپا 2003, 2002

گوپو ۽ ٽوپوء جي جوڙي 2008

نئون نرالو جنگهل 2009

ايسرداس جو اسڪوٽر 2010

آڪاٽين جو دڪان 2012

"ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيء جي ساهتڪ پونجي"

*سيتارام جي دنيا 1965

*ديش پڪاري ٿو.... سال 1966

*هوء روئي ويٺي 1966

*هڪ مرڪ ٻه لڙڪ.سال 1967

*سس ته منهنجي 1969

*فلمي گائيڊ 1971

*خوني ٽارچ 1971

*ئمپايئر سنيما ۾ خون 1975

*ٻال ساهت ۽ سنڌيء ۾ اُنجي ضرورت 1979

*هڪ سون جو رپيو 1979

*چٽو ماڻهو 1980

*قيد ٿيل روشنيء جا ٽڪرا 1980

*مني ڪهاڻيون 1981

*سکي سنسار 1981

*گرم ماس جا سوداگر 1982

*ٻال ساهت جو وڪاس 1986

*درٻاري 1987

*ادبي جائزو 1987

*دريء مان 1987

*اُمنگ ٻارن جو ٿيئٽر 1988

*زندگيء جا عڪس 1989

*ارد گرد 1996

*ساڳيو شهر 1999

*جهنگل 1999

*اکر پوري 2003

*سنڌي ٻال ساهت 2005 2007

*ارادن جي آڏو 2009

*پرينء ۾ 2012

*زندگيء جو هڪ هڪ پل 2013

*"هوندراج بلواڻيء جا ٻين ٻولين تان ترجمو ٿيل ڪتاب"

*جگر جو ٽڪر 1967

برف جو پتلو 1967

ٻه راجڪمار 1967

راجوء جي ٽوپي 1968

دنيا رنگبرنگي 1969

*ڪمري جو ٽي بي مريض 1980

*شرابي نگاهون 1980

*هوء بيوفا هئي 1980

*مني ڪهاڻيون 1981

پنهنجو پرائو درد 1982

*ناٽڪ ۾ ناٽڪ 1998

*منهنجا من ڪبوتر 1998

*ميران ياگڪيه جي دائري 2001

*ڪرم جو سڏانت 2010

*"ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جي ٻال ساهت جي

ترجمي جامجوعا"

سنجون ڪيئن سڌريو 1966

وير ناريون 1966

نيڪ نيگر 1966

چو چو چاچو 1968

ست جادوگر 1969

آڪاشي ڪوئو 1969

راجا جي بلبل 1975

نانيءَ جي عجيب ڪرسي 1975

راجڪماري سپنمبر 1977

ٽوم هڪ چوڪرو هو 1977

گلن جي ٽوڪري 1979

هڪ گناهه معاف 1981

گجراتي ساهت جا چونڊ ٻال گيت 1982

ڪارو ڪانو ۽ پورو گڏهه1985

گجراتي ساهت جا چونڊ ٻال ناٽڪ 1984

ستن رنگن جا سپنا 2011

گلڙن جا گيت 2011

پياري ششو گيت 2011

آڪرين پکي 2012

Facebook Twitter Share